# جانورن جي ڪاڌ خوراڪ جي ضرورت

## تربيتي ڪتاب



Charles Sturt University

Australian AID

اي ايس ايل پي، ڊيري پراجيڪٽ

يونيورسٽي آف ويٽرنري اينڊ اينيمل سائنسز لاهور

# مهاڳ

اي ايس ايل پي، ڊيري پراجيڪٽ آسٽريلوي ۽ پاڪستاني حڪومتن جي وچ ۾ هڪ اهڙو منصوبو آهي جنهن جو مقصد توسيعي سکيا جي ذريعي ننڍي ڊيري فارمرز جي جانورن ۾ کير جي پيداوار وڌائي ان جي معاشي ۽ معاشرتي حالتن ۾ بهتري آڻي سگهجي. کير جي پيداوار ۾ اضافو صرف انهي وقت ممڪن هوندو جڏهن ڊيري فارمر کي پنهنجي جانورن جي رهائش، خوراڪ،صحت ۽ نسل وڌائڻ جهڙن تمام بنيادي ڪمن جي مڪمل ڄاڻ هجي.

هن تربيتي ڪتاب جو مقصد ڊيري فارمرز کي جانورن جي بهتر سارسنڀال جي بنيادي اصولن جي مڪمل آگاهي ڏيڻ آهي ته جيئن في جانور جي سراسري پيداوار ۾ اضافو ٿي سگهي جنهن سان پاڪستان جي ڳوٺن ۾ غربت جي شرح ۾ گهٽتائي ۽ ماڻهن جي طرز زندگي بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملي سگهي. هن تربيتي ڪتاب جي انفراديت هي آهي ته هن ۾ موجود سڀ معلومات مستند ۽ ذاتي تجربن تي ٻڌل آهي جيڪو ڊيري ٽيم کي پراجيڪٽ جي پهرين فيز جي دوران حاصل ٿيون. هن تربيتي ڪتاب مان نه صرف ڊيري فارمرز پر وليج ويٽرنري ورڪرز، ويٽرنري اسسٽنٽ ۽ ويٽرنري ڊاڪٽر پڻ فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا. هن تربيتي ڪتاب کي ڇپائڻ لاءِ اسان آسٽريلوي حڪومت جي بين الاقوامي زرعي تحقيقاتي اداري جا مشڪور آهيون.

ڊيري ٽيم

# فهرست


| نمبر | عنوان | صفحو |
| --- | --- | --- |
| ١۔ | خوراڪ جي اهميت | 1 |
| ٢۔ | اوڳرڊيندڙ جانورن جي هاضمي جو سرشتو | 1 |
| ٣۔ | گاهه ۾ خشڪ مادي جي اهميت | 5 |
| ٤۔ | ڦرن جي خوراڪ | 6 |
| ٥۔ | جانورن جي عمر ۽ پيداوار جي لحاظ سان غذائي ضرورتون | 14 |
| ٦۔ | جانورن ۾ جسماني ڪيفيت جي درجه بندي | 18 |
| ٧۔ | خوراڪ جي گهٽتائي سان جڙيل پيچيدگيون | 20 |
| ٨۔ | غذائي کوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ مفيد تجويزون | 22 |




خوراڪ ۾ موجود لمحيات جي هاضمي جي سرشتي ۾ تمام گهٽ مقدار ۾ جذب ٿيڻ جي حقيقت جي پيشِ نظر گهٽو ڪري خوردبيني جاندار خود استعمال ڪري جانورن جي لاءِ فائديمند لمحيات ٺاهين ٿا . حقيقت ۾ اوڳر ڏيندڙ جانورن ڪي ڪارائڻ انهن جي ريومن ۾ موجود خوردبيني جاندارن ڪي ڪارائڻ جي برابر آهي .

ريومن pH 6 کان 7 هوندي آهي . هاضمي جي سرشتي جا خوردبيني جاندار هن pH تي سٺي ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪن ٿا . جيڪڏهن pH ۾ ڪا تبديلي اچي وڃي ته تمام گهڻا اهي جاندار مري وڃن ٿا ۽ ڪافي حد تائين خوراڪ هضم نٿي ٿئي . سيليولوز کي هضم ڪرڻ وارا خوردبيني جاندار pH 6 کان گهٽ تي پنهنجا ڪم سٺي

## گاهن ۾ خشڪ مادي جي اهميت

گاهن ۾ پاڻي کان علاوه ٻين موجود تمام غذائي جزن کي خشڪ مادو چيو ويندو آهي. عام طور تي ڊيري فارمرز گاهن ۾ موجود خشڪ مادي جي متعلق ڄاڻ نٿا رکن. انهي حقيقت جي پيش نظر انهن جا جانور مختلف غذائي جزن جي گهٽتائي جو شڪار رهن ٿا. پر گاهن ۾ موجود خشڪ مادي جي مقدار جي اندازو ۽ جانورن جي لاءِ انهن جي ضرورتن کي سمجهڻ تمام ضروري آهي.

جيڪڏهن گاهن ۾ خشڪ مادي جو مقدار گهٽ هجي ته گاهه جي وڌيڪ مقدار جي ضرورت پوندي آهي. جانورن جي لاءِ خشڪ مادي جي بنياد تي سائي گاهه جي ضرورت جسم جي وزن جي لحاظ کان ٽي سيڪڙو هوندي آهي. انهي اصول کي نظر ۾ رکندي 350 ڪلو گرام ۽ 500 ڪلو گرام جي وزن وارن جانورن جي لاءِ مختلف سائي گاهن جي ضرورت مقدار هيٺين ريت آهي.

| سيريل نمبر | سائو گاهه | خشڪ مادو (سيڪڙو) | گهربل گاهه جي مقدار (ڪلوگرام) | |
|---|---|---|---|---|
| | | | 350 ڪلوگرام | 500 ڪلوگرام |
| 1 | مڪئي | 30 | 40 | 50 |
| 2 | جوار | 30 | 40 | 50 |
| 3 | باجهري | 30 | 40 | 50 |
| 4 | گوار | 20 | 60 | 65 |
| 5 | برسيم | 15 | 75 | 100 |
| 6 | لوسڻ | 24 | 45 | 65 |
| 7 | جئي | 22 | 55 | 70 |

## جانورن جي ڦرن جون غذائي ضرورتون

جانورن جا ڦرڪنهن بہ ڊيري فارم جي معاشي مستقبل جوضامن هوندا آهن . انهن جي بهترطريقي سان پرورش گهڻو مشڪل ڪم آهي . انهي مقصد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ متوازن غذا بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿي . متوازن غذا نہ ملڻ جي ڪري اهي گهربل واڌاري جي شرح حاصل نٿا ڪري سگهن ۽ ڪمزور ٿي وڃن ٿا جنهن جي نتيجي ۾ موت جي شرح جا امڪان وڌي وڃن ٿا . اگر انهن کي شروعاتي عمر ۾ ئي متوازن غذا مهيا ڪئي وڃي تہ نہ صرف موت جي شرح ۾ گهٽتائي ٿيندي پر مستقبل ۾ پڻ انهن جي پيداواري صلاحيت ۾ اضافو ٿيندو .

### ڦرن جي پهرين خوراڪ (پِس)

پيدائش جي وقت ڦرن جي جسم ۾ بيمارين جي خلاف مدافعتي نظام فعال نہ هوندو آهي جنهنجي لاءِ انهن کي صرف پهرين کير (پِس) تي گذارو ڪرڻو پوي ٿو . انهي لاءِ هي امر نهايت ضروري آهي تہ ڦرن کي پهرين خوراڪ طور پيٽ ڀري ڊٺو سان پِس پياريو وڃي .

- الله تعاليٰ کير جي نسبت پِس ۾ هيٺيون خاصيتون رکيون آهن :
  - مدافعتي جزا
  - خشڪ مادو کير کان ٻيڻو
  - حل ٿيل نمڪيات ٽي دفعا يعني ٽيڻو
  - پروٽين ۽ وٽامن پنجوڻا

- پِس ۾ سڀ کان اهم موجود مدافعتي جزا هوندا آهن جيڪي ڦرن جي صحت کي برقرار رکڻ ۽ انهن کي مختلف بيمارين کان بچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. پيدائش جي پهرين 24 ڪلاڪن جي دوران اهي مدافعتي جزا آنڊن ۾ جذب ٿين ٿا . پر ڪڏهن ڪڏهن انهن جي جذب ٿيڻ جي صلاحيت گهٽ ٿيو وڃي .
- پِس هاضمي جي سرشتي کي بحال ڪرڻ، معدي ۽ آنڊن جي صفائي ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو .




**مقدار** ڦرن کي پئدائش جي فورن بعد پيٽ ڀري پهريون کير پِس پيارڻ ۽ جانورن جي جر ڪرائڻ جو انتظار نہ ڪريو . مشوثر قوتِ مدافعت کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ پِس پيارڻ جي مقدار جو اندازو ڦر جي جسماني وزن، مدافعتي جزن جي مقدار ۽ ماحول ۾ موجود بيماري پيدا ڪندڙ جراثيم جي مقدار تي ڪيو ويندو آهي .

**پئدائش جي فورن بعد پيٽ ڀري پِس پيارڻ**
**ڦرن کي خطرناڪ بيمارين کان بچائڻ**

| ڦرن جي عمر (مهينا) | هڪ ڏينهن ۾ پاڻي جي مقدار (ليٽر) |
| --- | --- |
| 1 | 5-7 |
| 2 | 6-8 |
| 3 | 8-11 |
| 4 | 11-13 |





## کير

ڦرن کي روزانو 10 سيڪڙو وزن جي لحاظ کان کير پيارڻ گهرجي . مثال طور جيڪڏهن ڦر جو وزن 40 ڪلوگرام هجي ته ان کي روزانو چار ليٽر کير پياريو جيڪو ڏينهن ۾ ٻه دفعه پياريو يعني ٻه ليٽر صبح ٻه ليٽر شام جو . ڦرن کي کير پيارڻ وقت صفائي سٿرائي جو خاص خيال رکجي ته جيئن انهن کي خطرناڪ بيمارين کان بچائي سگهجي .

ٿياڻن ۽ وهڙين کي متوازن غذا ڏيڻ گهرجي ته جيئن اُهي واڌاري جي مناسب شرح، جسماني ڪيفيت ۽ گهربل وزن حاصل ڪري سگهن. وزن جي شرح ۾ اضافي جو باقاعدگي سان بغور مطالعو ڪندو رهجي ته جيئن متوازن غذا سان جانورن جي جسماني وزن تي پوندڙ اثرن کي بروقت جانچي سگهجي. ٿيا ڻن ۽ وهڙين ۾ غذا جي گهٽتائي جي ڪارڻ سان واڌاري جي شرح ۾ گهٽتائي، وهر جي نشانين جوظاهر نه ٿيڻ ۽ مناسب جسماني وزن نه هئڻ جي ڪري نسل ڪشي جي عمر ۾ دير ٿي سگهي ٿي. جيڪا کير جي پيداوار ۾ گهٽتائي آڻي معاشي نقصان جو سبب بڻجي ٿي. مناسب جسماني وزن نه هئڻ جي ڪري ويامڻ مهل مختلف پيچيدگيون يا مشڪلاتون پڻ پيدا ٿي سگهن ٿيون.

**متوازن غذا جي استعمال سان بلوغت جي عمر کي هڪ سال گهٽ ڪري سگهجي ٿو**




### تجويزون

- ٿياڻن ۽ وهڙين جي لاءِ ميسر سائيلج، سائي گاهه ۽ ونڊي جو مقدار خشڪ مادي جي بنياد تي ڪريو.
- هڪ ڪلو ونڊو روزانو ڏيڻ گهرجي. ونڊ ي کي سائي گاهه سان ملائي ڪري کارايو.
- خوراڪ ۾ روزانو 100 گرام نمڪياتي آميزو به ضرور شامل ڪجي.

## حامل جانورن جون غذائي ضرورتون

حامل جانورن کي نہ صرف پنهجي بنيادي جسماني ڪمن کي برقرار رکڻ پر ڦرن جي نشونما جي لاءِ بہ متوازن خوراڪ جي ضرورت هوندي آهي . انهي ڪري اهڙن جانورن کي شروعات کان ئي انهن جي ضرورتن مطابق متوازن خوراڪ مهيا ڪئي وڃي . غذائي جزن جي گهٽتائي جي نتيجي ۾ حمل جو ضايع ٿيڻ ،بروقت ڄر جو نہ نڪرڻ، ڪمزور ۽ مردا ڦر پيدا ٿيڻ جهڙيون پيچيدگيون سامهون اچي سگهن ٿيون . انهي کان سواءِ مستقبل ۾ گهربل مقدار ۾ کير جي پيداوار کي حاصل ڪرڻ ۾ بہ مشڪل ٿيندي . انهي لاءِ حامل جانورن کي ڪمزور هجڻ جي صورت ۾ انهن کي توانائي سان ڀرپور متوازن غذا فراهم ڪرڻ گهرجي .

جانور کي خشڪ ڪرڻ لاءِ ويامڻ کان بہ مهينا اڳ انهن جو کير ڏوهڻ بند ڪري ڇڏجي . خشڪ ڪرڻ جو اهو عرصو خاص ڪري وڌيڪ کير ڏيندڙ جانورن جي صحت کي برقرار رکڻ، ڦر جي واڌ ويجهہ ۽ ان جي ايندڙ پيداواري صلاحيت تي سٺا اثر پون ٿا . تحقيق جي مطابق کير ڏيندڙ جانورن کي وڌيڪ خشڪ عرصو ڏيڻ سان کير جي پيداوار ۾ بهترين اضافي کي ممڪن بڻائي سگهجي ٿو.



## جانورن جي جسماني ڪيفيت جي درجہ بندي

جسماني ڪيفيت جي درجہ بندي جانورن جي جسماني حالت, غذائي ضرورتون ۽ صحت جي تجزيو جو هڪ اهم پيمانو آهي . جنهن سان ڊيري فارمرز کي پنهجي جانورن جو بر وقت علاج يا ان کي ختم ڪرڻ جي فيصلي مدد ملي ٿي . انهي سان جانورن جي مختلف پيداواري ۽ توليدي مرحلن کي ٻہ جانچي سگهجي ٿو. ڪير ڏيندڙ جانورن جي جسماني ڪيفيت جي درجہ بندي 1 کان 5 درجن تي مشتمل هوندي آهي .

| سيريل نمبر | جانورن جي حالت | جانورن جي جسماني ڪيفيت جي درجہ بندي |
|---|---|---|
| 1 - | خشڪ جانور | 3.5-4.0 |
| 2 - | ويامڻ وقت | 3.5-4.0 |
| 3 - | ڪير ڏيڻ جو پهريون مرحلو | 3.5 |
| 4 - | ڪير ڏيڻ جو وچولو مرحلو | 3.0 |
| 5 - | ڪير ڏيڻ جو آخري مرحلو | 3.25-3.75 |

انهن درجن جو تعين جانورن جي جسم جون طبعي حالتن مثال طور پيچ جي هيٺيان جمع ٿيل چرٻي جي مقدار کلهن جي هڏين, پاسرائين ۽ ڪرنگهي جي هڏي وغير جي ٻاهرين ڪنارن جي چڱي طرح ماهرانہ مشاهدي ڪانپوء ڪيو ويندو آهي .

## خوراڪ جي گھٽتائي سان جڙيل بيماريون

**سوتڪ يا سوتڪ جو بخار** وڌيڪ کير ڏيندڙ جانورن ۾ سوتڪ يا سوتڪ جي بخار جا وڌيڪ امڪان هوندا آهن . عام طور تي جانور ڦر ڏيڻ کان ڪجهه عرصو اڳ يا پوءِ هن بيماري جو شڪار ٿين ٿا. سوتڪ جي وڏي وجهه رت ۾ ڪيلشيم جي شديد کوٽ ٿي وڃڻ آهي . حمل واري جانورن جي جسم ۾ موجود ڪيلشيم جو مقدار پيدا ٿيندڙ ڦر جي نشونما ۾ استعمال ٿي ويندي آهي . انهن جي جسم ۾ ڪيلشيم جو تناسب هڏن ما ڪيلشيم جو خارج ٿيڻ ۽ معدي مان ڪيلشيم جي جزب ٿيڻ سان برقرار رهي ٿو. مسئلو ان وقت پيدا ٿيندو آهي جڏهن ويامڻ جي وقت کان اڳ ۾ يا پوءِ ڪيلشيم جو هڏن مان خارج ۽ معدي مان جذب ٿيڻ جو تناسب برقرار نٿو رهي . ڪيلشيم جو گهڻو مقدار پِس ۽ کير جي صورت ۾ استعمال ٿي وڃي ٿو. جنهن جي ڪري رت ۾ ڪيلشيم جي ڪمي شديد ٿي وڃي ٿي نتجي ۾ جانور سوتڪ جو شڪار ٿيو وڃي .

### سوتڪ جي بخار جون نشا نيون



- جسماني گرمي پد جو گهٽجڻ
- جانور جو سيني پر ويهي رهڻ
- ڪنڌ کي موڙي سيني تي رکڻ (S-Shaped Neck)
- دل جي دڙڪن جو آهستي ٿيڻ
- جيڪڏهن جانور ڪافي دير تائين انهي حالت ۾ مبتلا رهي ته جانور نيم مدهوش ٿي سگهي ٿو.
- مناسب طبي امداد نہ ملڻ جي صورت ۾ جانور مري به سگهي ٿو.

## احتياطي تدبيرون

- نمڪياتي آميزي کي لازمي طور خوراڪ جو حصو بڻايو پر ويامڻ کان 2-3 هفتا اڳ انهي جو استعمال بند ڪري ڇڏيو. انهي جو مقصد جانورن کي نئين ڪير جي مرحلي لاءِ هڏن مان ڪيلشيم جي خارج ٿيڻ لاءِ تيار ڪرڻ آهي .
- ويامڻ کان ڪجهه ڏينهن اڳ وٽامن ڊي جو ٽيڪو لڳرايو هي ڪير جي مرحلي کان پهرين ئي ڪيلشيم جي خارج ٿيڻ ۾ مدد ڏئي ٿو .
- جن جانورن جي پيداواري صلاحيت ٻين جانورن جي نسبت وڌيڪ آهي انهن جي خوراڪ تي خاص توجهه ڏيو . ڇاڪاڻ ته انهن ۾ سوتڪ جو بخار ٿيڻ جو امڪان ٻين جانورن جي نسبت وڌيڪ هوندو آهي .
- سوتڪ ٿي وڃڻ جي صورت ۾ ماهر ويٽرنري ڊاڪٽرسان رابطو ڪريو.

**پرهيز علاج کان بهتر آهي**

**گراس ٽيٽني (Grass Tetany)** هي هڪ اهڙي بيماري آهي جيڪو جانورن کي گهٽ عمر ۾ ڪٽائي ڪرڻ وارن ساون گاهن (Young Fodder) مثال طور جَوي ۽ برسيم ڪارائڻ سان ٿئي ٿي هي بيماري رت ۾ ميگنيشيم جي گهٽتائي سان ٿئي ٿي . اعصاب ۽ ڪلهن کي پنهنجا ڪم سرانجام ڏيڻ جي لاءِ ميگنيشيم جي ضرورت هوندي آهي انهي جي گهٽتائي جي ڪري اعصاب ۽ ڪلهن جي ڪم تي ناڪاري اثر پون ٿا .

### ڪارڻ

1. شروعاتي عمر ۾ ڪٽائي ڪيل سائي گاهه ۾ عام طور تي پوٽاشيم (Potassium) جي وڌيڪ مقدار هوندي آهي جيڪو ميگنيشيم کي جذب ۽ استعمال ٿيڻ جي عمل کي روڪي ٿي ۽ رت ۾ ميگنيشيم جي گهٽتائي جو ڪارڻ بڻجي ٿي .
2. سوڊيم جيڪو خوردني لوڻ جو هڪ اهم جزو آهي اهو جسم ۾ ميگنيشيم جي جذب ٿيڻ جي لاءِ انتهائي ضروري هوندو آهي . اگر خوراڪ ۾ سوڊيم جي گهٽتائي هجي ته ميگنيشيم گهٽ مقدار ۾ جذب ٿيندي جنهن جي ڪري گراس ٽيٽني جو خطرو وڌي ويندو .

## نشانيون

1. ڪلهن تي اڪڙ
2. وات مان گِگ جو نڪرڻ
3. جانور جو زمين تي ٻير هڻڻ
4. اکين جو وڏيڪ ڪلڻ ۽ گهوري ڏسڻ






## احتياتي تدبيرون

- ميگنيشيم ٻين نمڪيات وانگر جسم ۾ گڏ نٿي ٿئي. انهي لاءِ روزانو نمڪياتي آميزو ( Mixture Mineral) جو استعمال ضرور ڪريو
- سوڊيم جي فراهمي جي لاءِ جانورن جي آهورن ۾ لوڻ جا ڳنڍا (سينڌو لوڻ) رکي ڇڏيو
- گراس ٽيٽني ٿي وڃڻ جي صورت ۾ ماهر ويٽرنري ڊاڪٽر سان فوري رابطو ڪريو

## غذائي کوٽ کي پورو ڪرڻ جي لاءِ مفيد تجويزون

موسمي تبديلي سائي گاهه جي مسلسل فراهمي نہ هئڻ هڪ اهم ڪارڻ آهي. گرمين ۾ مئي، جون ۽ سياري ۾ نومبر، ڊسمبر ۾ سائي گاهه جي گهٽتائي هوندي آهي. سائي گاهه جي اها گهٽتائي جانورن جي پيداواري صلاحيتن تي خراب اثر انداز ٿئي ٿي. خوراڪ جي گهٽتائي جي ڪري جانورن ۾ بيمارين جي خلاف قوتِ مدافعت گهٽ ٿي وڃي ٿي ۽ مجموعي طور تي جانور پالڻ نفع بخش نٿو رهي. انهي کوٽ تي ضابطو آڻڻ لاءِ هڪ بهترين حل هي آهي تہ سائي گاهه جي گهڻي پيداوار جي مهينن ۾ وڌيڪ سائو گاهه محفوظ ڪري انهي جي سڄو سال فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي. سائو گاهه محفوظ ڪرڻ جا بهترين طريقا جيڪي پاڪستان ۾ استعمال ڪري سگهجن ٿا هيٺين ريت آهن :

1۔ سائو گاهه خشڪ ڪرڻ جو عمل (Hay)

2۔ سائي گاهه جو اچار (سانڍاڻو) ٺاهڻ (Silage)

3۔ وڌيڪ پيرا لوپ ڏيندڙ سائي گاهن جو استعمال







Charles Sturt University

Australian AID

# اے ایس ایل پی، ڈیری پراجیکٹ


یونیورسٹی آف ویٹرنری اینڈ اینیمل سائنسز لاہور

فون: 042-37212339

ویب سائٹ: www.aslpdairy.pk